SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XXIV مجريہ 1994

SINDH ACT NO.XXIV OF 1994

سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) ايڪٽ، 1994

THE SINDH BUILDINGS CONTROL (AMENDMENT) ACT, 1994

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. آرڊيننس نمبر V مجريہ 1979 جي دفعہ 19 جي ترميم
Amendment of section 19 of Ordinance No.V of 1979

3. سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 1994 جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.XIII of 1977

سنڌ ايڪٽ نمبر XXIV مجريہ 1994

SINDH ACT NO.XXIV OF 1994

سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) ايڪٽ، 1994

THE SINDH BUILDINGS CONTROL (AMENDMENT) ACT, 1994

[4 آڪٽوبر 1994]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) ايڪٽ، 1994 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ 2 مئي 1994 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

آرڊيننس نمبر V مجريہ 1979 جي دفعہ 19 جي ترميم
Amendment of section 19 of Ordinance No.V of 1979

2. سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 جي دفعہ 19 جي ذيلي دفعہ (1_A) جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان بدلايو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين شرطيہ بيان جو اضافو ڪيو ويندو:

”بشرطيڪ منظور ٿيل منصوبن جي خلاف ورزي ڪندي عمارتن جو ڪم ڪرڻ يا شروع ڪرڻ ۾ ڪنهن گناهہ جي چشم پوشي نہ ڪئي ويندي. “

3.سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1994 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.	سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 1994 جي منسوخي Repeal of Sindh Ordinance No.XIII of 1977

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.